روزاني هلچل حيدرآباد
DAILY HALCHAL HYDERABAD
ABC CERTIFIED
Ph:0222100588, Fax:0222100878

چيف ايڊيٽر
محمد يونس مهر

مئنيجنگ ايڊيٽر
(اعزازي)
فهيم لطيف مهر

(ايڊيٽر)
سارنگ لطيف مهر

www.dailyhalchal.com
Email.halchalhyd1@gmail.com

پبلشر محمد يونس مهر اين مسلم پرنٽنگ پريس حيدرآباد A_22 گليمر هائوس سٽيزن سوسائٽي حيدرآباد مان ڇپرائي ڪئي.
هيڊ آفيس حيدرآباد فون: 0222100588
فيڪس : 0222100878
ڪراچي (بيورو آفيس) فون/فيڪس 021_35683012

اڱارو 21 فيبروري 2023ع

# ٻولين جو عالمي ڏينهن

سنڌ سميت سنسار ۾ ديس دنيا جون قومون اڄ ٻولين جو عالمي ڏينهن ملهائي رهيون آهن. انساني تاريخ ۾ سنڌ ۽ سنڌي ٻولي صدين جو سفر ڪري اڄ جديد سماج ۾ به عالمي اهڃاڻ رکي ٿي، هن ڌرتي جا ماڻهو پنهنجي منڊڙي ٻولي سان نيهن نڪاور اظهار ڪن ٿا پر ساڳي وقت دنيا جي ڪنهن به ماڻهو جي ٻولي ۽ قوم سان نفرت نٿا ڪن. سنڌو سڀيتا جو سماج سنسار ۾ اهڙو سيا رکي ٿو جيڪو انسانيت جو عالمي آئينو آهي، جديد دور ۾ سنڌي ٻولي ايڏي شاهوڪار ٻولي آهي جيڪا دنيا جي 6 وڏين تهذيبن ۾ ڳڻي وڃي ٿي پر انهن تهذيبن جي ڀيٽ ۾ به سنڌو سڀيتا کي جيڪڏهن تهذيبن جي امڙ قرار ڏجي ته اهو اصطلاح غلط نه ٿيندو ۽ اهو دليل غلط نه ٿيندو ڇو ته دنيا ۾ انساني جياپي جا سمورا اوزار سنڌو سڀيتا لوڪ ڌرتي جي ايجادن مان ڦُٽي نڪتا آهن، اڄ به دنيا ۾ ترقي جو مثال ڦيٿو آهي جيڪو سنڌين ايجاد ڪيو. اڄ به دنيا ۾ ڳڻڻ جو ناتو سُئي سان سڃاتو وڃي ٿو ۽ اها سُئي موهين جي دڙي ڪان به اڳ سادا 4 هزار سئو سال مطلب ته اٽڪل 9 هزار سئو سال اڳ سنڌ جي ماڻهن ايجاد ڪئي، اڻ ڳڻيون ايجادون انساني جياپي لاءِ هن ڌرتي جي لوڪ ڏاتار جي ڏنل ڏات مان انسانيت جي ڀلي خاطر پال ڪيا آهن. سنسار جي اهڙي سڀيتا کي سنڌو سڀيتا جو نالو ڏنل آهي جيڪو وادي مهراڻ جي پاڻي پيار ۾ پريتڻو رکي ٿو، سنڌو درياهه ان سڀيتا جو ويساهه آهي ۽ سنڌي ٻولي جيڪا تاريخي سفر ڪري اڄوڪي دور ۾ پهتي آهي، جنهن اوڙي پاڙي جي ٻولين کي به پنهنجي اندر ۾ جذب ڪيو ۽ سنڌي ٻولي منجهه اها صلاحيت موجود آهي ته سنڌي ٻولي پنهنجا آڳاٽا لفظ به نه وساريا آهن ۽ نئين دور سان گڏ جدت کي به قبول ڪيو آهي، سنڌ جو لوڪ ادب سميت سمورو فن هن ڌرتي جي لوڪ جي ڏات جو عالمي آئينو آهي ته سنڌ جي ماڻهن انسانيت جو احترام مذهبي رواداري سان گڏ جانورن ۽ پکين سان پيار ۽ فطرتي سونهن کي پنهنجي علم ادب جو روشن ڏيئو سمجهيو آهي ۽ سنڌي ٻولي اهڙو سيا رکي ٿي ته وڪر سو ويهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي.